# پاڻي مامرن بابت انگ اکر ۽ سفارشون ڇا ٿيون چون؟

محمد ادريس راجپوت

صدر پرويز مشرف 17 جنوري 2006ع تي 5 ڊيم ناهڻ جو اعلان ڪيو، جن ۾ ڀاشا، ڪالاباغ، اڪوڙي، منڊا ۽ ڪرم تنگي شامل آهن. انهن مان ڀهريان ٽي ڊيم سنڌو درياهه تي، منڊا ڊيم سوات درياهه تي، ۽ ڪرم تنگي ڊيم جي تعمير ڪرم نئين تي رٿيل آهي. صدر صاحب موجب ڀاشا ڊيم جو ڪم يڪدم شروع ڪيو ويندو، ڪالاباغ ڊيم اتفاق راءِ ٿيڻ کان پوءِ ناهبو، پر سمورن پنجن ڊيمن جي تعمير سال 2016 تائين مڪمل ڪئي ويندي. ڇا صدر صاحب جي مٿين اعلان کان پوءِ صوبن ۾ پاڻيءَ جا مامرا حل ٿي ويا؟ اچو تہ انهيءَ جو جائزو وٺون.

پاڪستان جي دريائي نظام ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جا مامرا هينئر جا ناهن، پر انهيءَ وقت کان هلندڙ آهن، جڏهن کان انگريزن نندي ڪنڌ جي آبپاشي نظام کي ترقي وٺرائڻ لاءِ واهه، بيراج ۽ تنهن کان پوءِ ڊيم ناهڻ شروع ڪيا. انهن مامرن کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪيترين ڪميشنون ۽ ڪاميٽيون جوڙيون ويون، جيئن 1935ع واري ايندرسن ڪاميٽي، 1941ع واري رائو ڪميشن، (جنهن جي نتيجي ۾ 1945ع وارو سنڌ-پنجاب معاهدو ٻنهي صوبن جي چيف انجنيئرن صحيح ڪيو.) 1968 ع واري اختر حسين ڪاميٽي، 1970ع واري فضل اڪبر ڪاميٽي، 1976ع واري انوار الحق

ڪميشن ۽ 1983ع واري حليم ڪميشن. پر ڪا به ڪاميٽي يا ڪميشن پاڻي تڪرار وارن مامرن جو مڪمل حل ڏئي نه سگهي.

## سنڌ طاس معاهدو:

1948ع ۾ هندستان پاران پاڪستان جي ٽن اُپرندي درياهن جو پاڻي بند ڪيو ويو. اهو معاملو ٻئي ملڪ نه نبيري سگهيا ۽ نيٺ عالمي بئنڪ جي ثالثي ۾ 1960ع ۾ سنڌ طاس معاهدو ٿيو، جنهن مطابق ٽي اُپرندا درياهه يعني ستلج، بياس ۽ راوي هندستان کي مڪمل طرح ڏنا ويا ۽ ٽي الهندا درياهه يعني جهلم، چناب ۽ سنڌو پاڪستان کي ڏنا ويا، پر مڪمل طرح نه، بلڪه انهن درياهن تي هندستان کي ڪجهه آباد ڪرڻ ۽ بجلي ناهڻ جا حق ڏنا ويا. ٽن اپرندي درياهن جو مڪمل ڪنٽرول هندستان کي ڏيڻ ڪري پاڪستان ۾ موجود صوبن ۾ پاڻي جي ورهاست جا مسئلا وڌيڪ ڏکيا ٿي ويا.

## 1991ع وارو پاڻي ٺاهه:

1991ع ۾ انهيءَ وقت جي وزير اعظم جي ذاتي ڪوشش سان چئني صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورهاست جو مسئلو اتفاق راءِ سان طئي ٿي ويو، جنهن جي پيرا 2 ۾ نهيل ڪينالن لاءِ پاڻي 35.117 ملين ايڪڙ فوٽ ورهايو ويو. پيرا 4 مطابق نون ڊيمن ۽ ٻوڏ وارو پاڻي ورهائڻ جو سيڪڙو ٻڌايو ويو، پيرا 14 ۾ ڪوٽ ۽ واڌ ڪٽڻ جو طريقو ٻڌايو ويو، ۽ پيرا 7 ۾ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جي گهرجن لاءِ اڀياس ڪرائڻ جو چيو ويو.

## ارسا جو ٺاهڻ:

1992ع ۾ پاڻيءَ ٺاهه تي عمل ڪرائڻ لاءِ انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا) ٺاهي وئي، جنهن ۾ ڪُل پنج ميمبر رکيا ويا. هر صوبي مان هڪ

هڪ نمائيندو ارسا جو ميمبر هوندو، جڏهن تہ هڪ ميمبر وفاقي حڪومت جي طرفان بہ ان ۾ شامل هوندو. اٿارٽي ڪي فيصلو اڪثريت جي بنياد تي ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي، ۽ فيصلي تي اعتراض جي صورت ۾ گڏيل مفادن واري ڪائونسل وٽ اپيل ڪرڻ جو حق ڏنل آهي.

اتفاق راءِ ۽ 1991ع واري پاڻي ناهہ تيڻ ڪان پوءِ اها اُميد ڪئي پئي وئي تہ صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي ورهاست وارا مامرا هميشہ لاءِ نبري ويندا، پر بدقسمتيءَ سان ايئن نہ ٿي سگهيو. ناهہ ٿيڻ ڪان پوءِ بہ اهي مامرا اُٿندا رهيا، جن ۾ پاڻي جي ورهاست، سنڌو تي نون ڊيمن جو ناهڻ، ڪوٽ واري وقت ۾ منگلا ڊيم جو ڀرڻ، ڪوٽ واري وقت ۾ لنڪ ڪينالن جو هلائڻ ۽ ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي جي گهرجن جو تعين ڪرڻ ۽ پاڻي ڇڏڻ جهڙا تڪراري نڪتا شامل آهن. منگلا ڊيم 1969ع ۾ هلڻ شروع ٿيو ۽ تربيلا ڊيم 1976ع ۾. ٻنهي ڊيمن جي ڪري ربيع ۽آڳاٽي خريف لاءِ پاڻي اٽڪل 15 ملين ايڪڙ فوٽ وڌي مليو. پر هوريان هوريان ڊيمن ۾ لٽ وهڻ ڪري هنن جي پاڻي ذخيرو ڪرڻ واري گنجائش گهٽجي اٽڪل 12 ملين ايڪڙ فوٽ رهجي وئي ۽ اها اجا گهٽجي پئي. اها ڪوٽ منگلا ڊيم جي اوچائي وڌائڻ سان پوري ٿي ويندي، جنهن ۾ 9.2 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي وڌيڪ گڏ ڪري سگهبو. پر انهيءَ هوندي بہ پنجاب وارن زور وڌو تہ سنڌو تي وڏا ڊيم ناهجن، خاص ڪري ڪالا باغ ڊيم، تہ جيئن ڪوٽ بہ پوري ڪري سگهجي ۽ واهہ ڪڍي نيون زمينون آباد ڪجن. باقي ٽنهي صوبن انهيءَ تي اعتراض ڪيو ۽ انهن جي اسيمبلين انهيءَ جي تعمير خلاف قراردادون پاس ڪيون. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي صدر پرويز مشرف جي حڪم تي بہ ڪاميٽيون سال 2003ع ۾ جوڙيون ويون. هڪڙي قومي اسيمبليءَ جي پارلياماني ڪاميٽي، ۽ ٻي فني ماهرن جي فني ڪاميٽي. انهن ٻنهي ڪاميٽين جا سربراهہ سنڌ مان ڪنيا ويا ۽ ميمبر سڀني صوبن مان. پارلياماني ڪاميٽي جو چيئرمين سينيٽر نثار احمد ميمڻ ۽ فني ڪاميٽي جو چيئرمين جناب اي اين جي عباسي کي مقرر ڪيو ويو.

# پارلياماني ڪاميٽي:

اٽڪل سال کن جي محنت کان پوءِ پارلياماني ڪاميٽي پنهنجي رپورٽ ڏني، جنهن جون خاص سفارشون هيٺين ريت آهن.

## (1) پاڻي ناهه تي يڪدم ۽ مڪمل طرح عمل ڪرڻ کپي، جنهن ۾ هيٺان طريقه اختيار ڪري سگهجن ٿا.

- فني ڪاميٽي جي رپورٽ جي بنياد تي انتظامي فيصلو ڪيو وڃي.
- قومي سلامتي ڪائونسل فيصلو ڪري.
- عام مفادن جي ڪائونسل فيصلو ڪري.

## (2) ڊيم ٺاهڻ بابت فيصلو:

چار ڊيم نظر ۾ آهن، يعني ڀاشا، ڪالا باغ، اڪوڙي ۽ اسڪردو يا ڪٽزارا. صوبن جي ڪنهن به چيف منسٽر ڀاشا ڊيم ٺاهڻ جي مخالفت نه ڪئي آهي. پنجاب جو زور آهي ته ڀاشا ڊيم سان گڏ ڪالا باغ ڊيم به ٺاهيو وڃي. ڊيم ٺاهڻ جو فيصلو به اتفاق راءِ سان ڪيو وڃي، يا قومي سلامتي ڪائونسل کان ڪرايو وڃي يا گڏيل مفادن جي ڪائونسل کان ڪرايو وڃي.

## (3) اعتماد بحال ڪرڻ وارا اپاءَ:

اعتماد بحال ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڪرڻ کپن.

- صوبن جا اعتراض ۽ خدشا دور ڪيا وڃن.
- ٽيليميٽري نظام کي يڪدم لاڳو ڪيو وڃي ۽ ان کي صحيح نموني هلايو وڃي.
- ارسا کي ٺيڪ ڪيو وڃي. انهيءَ کي مالي ۽ انتظامي طرح خودمختيار ڪيو وڃي.

- واپڊا کي ٺيڪ ڪيو وڃي تہ جيئن انهيءَ ۾ صوبن جي مناسب نمائندگي هجي.

## فني ڪاميٽي:

فني ڪاميٽي ٻن سالن جي جاکوڙ کان پوءِ پنهنجيون سفارشون 25 آگسٽ 2005ع تي ڏنيون. ان جون خاص ڳالهيون هن ريت آهن.

### (1) پاڻي ناهہ 1991ع:

(i) ارسا ناهہ ۾ ڏنل ڳالهين جي ڪليل پيچڪڙي ڪري پئي. (ii) پاڻيءَ جي ورهاست ناهہ ۾ ڏنل ڏهاڪن مطابق ٿيڻ کپي ۽ ڪنهن بہ صوبي کي ڪوٽ کان آجو نہ ڪرڻ کپي.

### (2) نون ڊيمن جي ناهڻ جي ضرورت ۽ انهن جي ناهڻ جي ترتيب:

(i) عالمي ڊيمن جي ڪميشن جي رپورٽ کي ڪا اهميت نہ ڏني وئي آهي. (ii) ڊيم ڀرڻ لاءِ هر سال واڌو پاڻي ڪونهي، پر ٻوڏن وارن سالن ۾ ڪافي پاڻي آهي. (iii) جيئن تہ جهلم ۽ چناب درياهن ۾ خريف جي مند ۾ گهٽو ڪري وافر مقدار ۾ پاڻي هوندو آهي، جيڪو معاون دريائن جي هيٺين ۽ مٿين ايراضي کي آباد ڪرڻ لاءِ ججهو آهي، تنهن ڪري سنڌو مان لنڪ ڪينالن وسيلي معاون دريائن جي هيٺين ايراضي لاءِ پاڻي ڪٽي وڃڻ جو ڪو جواز ناهي. (iv) اسڪردو وٽ ڊيم ناهڻ جي فزيبلٽي ٻن ٽن سالن ۾ مڪمل ڪرڻ کپي جو اهو ڊيم ٻوڏ وارن سالن جو 84 سيڪڙو پاڻي گڏ ڪري سگهي ٿو. (v) جيستائين اسڪردو وٽ ڊيم جي فيزبلٽي پوري ٿئي، ٻنهي ڊيمن مان هڪڙو ڊيم ڀاشا يا ڪالا باغ تي ناهڻ بابت سوچي سگهجي ٿو، پر ڀاشا ڊيم کي ڪالا باغ ڊيم تي برتري حاصل آهي. (vi) ڀاشا يا

ڪالاباغ ڊيم تي ٺهندڙ هڪڙو ڊيم هر سال پرجي نہ سگھندو ۽ سراسري طرح 6 ملين ايڪڙ فوٽ بدران رڳو 2 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڏئي سگھندو.

## ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي جي گھرجن جي اڀياسن جي رفتار:

انهن اڀياسن جي رفتار اطمينان جوڳي آهي.

## (4) - (a) مستقبل جي ذخيرن ۽ آبپاشي منصوبن لاءِ پاڻي جو هجڻ:

(i) نون ڊيمن کي ڀرڻ لاءِ هر سال واڌو پاڻي ڪونهي. ڀر ٻوڏ دوران سالن ۾ ججهو پاڻي هوندو آهي. (ii 6) ملين ايڪڙ فوٽ وارو هڪڙو ڊيم رڳو ٻوڏ وارن سالن جو 22 سيڪڙو پاڻي ذخيرو ڪري سگھندو ۽ 6 ملين ايڪڙ فوٽ وارا ٻہ ڊيم 41 سيڪڙو پاڻي گڏ ڪري سگھندا. تنهن ڪري ٻوڏ وارن سالن جو آيل 59 سيڪڙو پاڻي گڏ نہ ڪري سگھبو. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ 35 ملين ايڪڙ فوٽ وارو ڪيري اوور ڊيم 84 سيڪڙو پاڻي گڏ ڪري سگھندو. (iii) ڪوٽ گھٽو ڪري خريف واري مند ۾ رهي ٿي ۽ ربيع ۾ گھٽو ڪري نٿي رهي، تنهن ڪري هڪڙي خريف ۾ پاڻي گڏ ڪري ايندڙ ربيع لاءِ رکڻ جو ڪو جواز ناهي. (iv) ڪيري اوور ڊيم ۾ گڏ ٿيندڙ پاڻي ايندڙ ڪيترن گھٽ پاڻي وارن سالن جي کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ رکيو وڃي.

## (4) - b ڪوٽڙي ڪان هيٺ ويندڙ پاڻيءَ جو ڪاٿو:

انهيءَ جو سراسري انگ سال 77-1976ع کان سال 03-2002ع تائين 2.35 ملين ايڪڙ فوٽ آهي.

### (5) -a منگلا ڊيم جو ڀرڻ:

(i) آبپاشيءَ جي پاڻيءَ جون گهرجون پوري ٿيڻ تائين منگلا ڊيم ۾ پاڻي نہ ڀريو وڃي. (ii) جيڪڏهن ڪن سببن جي ڪري منگلا ڊيم ۾ پاڻي ڀرڻ اڻٽر هجي تہ ايترو ڀرڻ ڪپي جو آبپاشيءَ جي پاڻي جون گهرجون 20 سيڪڙي کان گهٽ نہ ٿين، جيڪو پاڻي ناهہ ۾ ڏنل آهي ۽ اهو بہ صوبن جي مرضيءَ سان ٿيڻ ڪپي. (iii) جيڪڏهن آڳاٽي خريف ۾ سنڌو ۾ پاڻي گهٽ هجي ۽ منگلا ڊيم ۾ پاڻي ڀريل هجي تہ اهو هيٺين پائيوارن کي ڏيڻ ڪپي. (iv) مٿيان اصول منگلا ڊيم جي پاڻيءَ جي گنجائش وڌائڻ کان پوءِ بہ لاڳو ٿيندا.

### (5) - b لنڪ ڪينالن ۽ مستقبل جي ڊيمن کي هلائڻ وارا اصول:

(i) جيستائين سنڌو مان سڌو نڪرندڙ واهن جون گهرجون ناهہ ۾ ڏنل ڏهاڪن مطابق پوريون نہ ٿين سنڌو جو پاڻي چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن وسيلي معاون دريائن جي هيٺين ايراضين لاءِ نہ نيو وڃي. (ii) عام طرح جهلم ۽ چناب دريائن ۽ منگلا ڊيم ۾ ججهو پاڻي هجي ٿو، تنهن ڪري چشما-جهلم ۽ تونسا-پنجند لنڪ ڪينالن ذريعي سنڌو مان پاڻي نہ وهايو وڃي. پر جيڪڏهن اُتي کوٽ هجي تہ مٿيون شرط پوري ٿيڻ کان پوءِ پاڻي وهائي سگهجي ٿو. (iii) منگلا ڊيم ڀرڻ جي وقت ۾ چشما جهلم ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪينال نہ هلائڻ ڪپن. (iv) چشما-جهلم ۽ تونسا پنجند بين الصوبائي واهہ آهي، تنهن ڪري اهي هڪڙي صوبي جي چوڻ سان هلائڻ بدران بين صوبن جي مرضي بہ ان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي.

## مستقبل جي ڊيمن جي هلائڻ جا اصول:

(i) جيستائين ناهہ ۾ ڏنل ڏهاڪن موجب صوبن جون پاڻيءَ جون گهرجون پوري ٿين ۽ کوٽڙي کان هيٺ بہ گهرج مطابق پاڻي نہ ڇڏيو وڃي، ڊيمن ۾ پاڻي نہ ڀرڻ ڪپي.

(ii) پهرين تربيلا ڊيم ۾ پاڻي ڀرڻ کپي. جيڪڏهن تربيلا ڊيم ڀرڻ کان واڌو پاڻي هجي تہ پوءِ ٻين ڊيمن ۾ ڀري سگهجي ٿو.
(iii) جون ۽ جولاءِ وارن مهينن ۾ ڊيم کي انهيءَ نموني ۾ هلائڻ کپي تہ جيئن ان مان لٽ ڪڍي سگهجي.
(iv) ڊيم مان ايئن پاڻي ڪڍجي تہ پهرين ناهہ ۾ ڏنل ڏهاڪن مطابق پاڻي جي کوٽ پوري ڪجي ۽ پوءِ پيرا 4 موجب پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ 37،37، 12،14 جي حصي مطابق ورهائجي. اهي ٻئي ڳالهيون ڊيمن جي گنجائش بدران ڊيمن جي گڏ تيل پاڻيءَ کي نظر ۾ رکي ڪرڻ کپن.

# ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جي گهرجن لاءِ ٽيل اپياس:

انهيءَ لاءِ بہ اپياس ڪيا ويا. هڪڙو پاڻيءَ جي چڙهي اچڻ کي روڪڻ لاءِ، ٻيو ماحولياتي گهرجن لاءِ. پهرين اپياس ۾ انگريزي اکر Sea Intrusion هجڻ بدران Sea Water Intrusion جو اپياس ڪيو ويو آهي. ناهہ ۾ اکر Sea Intrusion آهي.

## پهرين اپياس ۾ ٽيل سفارشون:

(i) ڪوٽڙيءَ کان هيٺ صفا پاڻي نہ ڇڏڻ واري ڳالهہ نہ ٿيڻ کپي. سوڪهڙي وارن سالن ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ 1000ڪيوسڪ پاڻي ڇڏڻ گهرجي.
(ii) سمنڊ کان 35 ڪلوميٽر مٿي ڏنيو (شيرازي بندر) کان مٿي سمنڊ جو پاڻي نہ چڙهڻ کپي. انهيءَ کي اتي روڪڻ لاءِ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ 10،000 ڪيوسڪ پاڻي سڄو سال ڇڏڻ گهرجي.
(iii) ڪوٽڙيءَ کان هيٺ سوڪهڙي وارن سالن ۾ 09.3 سراسري سالن ۾ 5.46 ۽ ٻوڏ وارن سالن ۾ 7. 24 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇڏڻ کپي.
(iv) في الحال سمنڊ جي پاڻيءَ کي مٿي اچڻ کان روڪڻ لاءِ ڪنهن بيراج ناهڻ جي ضرورت ناهي. وڏيڪ ڊيم نهڻ کان پوءِ انهيءَ تي سوچجي.

## ٻئي اپياس ۽ ٽيل سفارشون:

مختلف ماحولياتي گهرجن لاءِ هيٺين ريت پاڻي کپي.

دريائي ٻيلن لاءِ واهن مان 4 .0 ملين ايڪڙ فوٽ، تمر جي ٻيلن لاءِ درياهه مان 7.4 ملين ايڪڙ فوٽ. پلي لاءِ درياهه مان 9.0 ملين ايڪڙ فوٽ، ٻي مڇيءَ لاءِ درياهه مان 8 .1 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ واهن مان 7 .2 ملين ايڪڙ فوٽ. پيئڻ لاءِ درياهه مان 007 .0 ۽ واهن مان 0008 .0 ملين ايڪڙ فوٽ.

انهن ٻنهي اپياسن جي نظرداري ۽ جاچ کان پوءِ پنهنجون سفارشون ڏيڻ لاءِ ٽي عالمي سطح جا ماهر (Panel of experts) رکيا ويا. انهن جون سفارشون هيٺين ريت آهن.

(I) سجو سال 5000 کيوسڪ پاڻي ڪوٽڙيءَ کان هيٺ هيٺين گهرجن لاءِ ڇڏيو وڃي.

(i) سمنڊجي پاڻيءَ جي چڙهي اچڻ کي روڪڻ لاءِ.

(ii) ماحولياتي جٽاداري لاءِ.

(iii) دريائي پيٽ کي چست رکڻ لاءِ.

خريف ۾ 8.1 ، ربيع ۾ 8 .1 ، ڪل 6 .3 ملين ايڪڙ فوٽ ڪوٽ.

(2) ڪوٽ وارن سالن ۾ مٿيان انگ آبپاشي جي ڪوٽ مطابق گهٽائي سگهجن ٿا.

(3) 5 سالن ۾ ڪل 25 ملين ايڪڙ فوٽ ڇڏڻ کپي تہ جيئن، (i) سمنڊ جي ڪناري جي ڪاٽ روڪڻ لاءِ لٽ ڊيلٽا ۾ وهندي رهي. (ii) درياهه کي زنده رکي سگهجي. (iii) جٽادار تمر جي ٻيلن جي واڌ ٿئي.

پارلياماني ڪاميٽي، فني ڪاميٽي ۽ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻيءَ جي گهرجن جا اپياس انهيءَ لاءِ ڪرايا ويا تہ جيئن پاڻيءَ جا مامرا ختم ڪري صوبن ۾ ويچا گهٽائي ۽ يائيچارو پيدا ڪري سگهجي. پر سيني ڳالهين جو فيصلو ڪرڻ بدران صدر صاحب 17 جنوري 2006ع تي پنج ڊيم ناهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، جيڪي سال 2016 ۾ پورا ڪيا ويندا. پر ٻين مامرن جو ڇا ٿيندو؟ ڇا پاڻيءَ جي ورهاست صحيح ٿيندي، ڇا منگلا ايئن پريو ويندو؟

چا لنڪ ڪينال ايئن ئي هلايا ويندا، چا آڳاٽي خريف ۾ اسان پاڻيءَ لاءِ سڪندا رهنداسين؟ چا ڪوٽڙي ڪان هيٺ پاڻي رڳو تڏهن ڇڏيو ويندو، جڏهن گهرجن ڪان وڌندو؟ جيستائين سڀني مامرن جو انصاف وارو فيصلو نہ ٿيندو، صوبن وچ ۾ ويڇا وڌندا رهندا، محبت ۽ هم آهنگي پيدا نہ ٿيندي.

منهنجي صدر صاحب کي اپيل آهي تہ پاڻيءَ جي سڀني مامرن جو انصاف وارو فيصلو ڪري تہ جيئن صوبن ۾ محبت ۽ قرب وڌي ۽ پاڪستان مضبوط ۽ خوشحال ٿئي.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books